مجاهد حسين سولنگي

# سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انگن جو استعمال

***Abstract***

## Use of Numbers in Sachal Sarmast's Poetry

In this article attempt has been made to show that the classical poet of Sindh, Sachal Sarmast was not only a creative artist but he had a natural talent of using similies and metaphors in a befitting manner. Most of the poets of the world have used similies of beautiful flowers, natural beauty of the celestial bodies like the moon and the stars, or even abstract things like light, smell of a flower etc. Sacal Sarmast has also used these similies but he has used a very unique form of describing different aspects of the universe, the various concepts, situations and even emotions with the help of numbers or the numericals.

In this regard the poetry of this great poet of 18th century has been studied to find examples of such usage.

The concept of oneness of God, The negation of the concept of "dui" or inclusion of a second being with God; the importance of the 14th night of the moon (full moon) and the unlimited (infinity) of the different qualities of the creator of the universe, are a few examples which show usage of numbers in his poetry.

The conclusion, thus, is that the poet has an exceptional talent with which he can use his imagination for enumerating the poetical variations in his poetry in which these numbers carry meanings different from their literal or numerical values.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سڌريل ٻولين جي هيءَ به هڪ خاصيت آهي ته اهي ٻوليون ڪو به فلسفو يا لقاءُ آسانيءَ سان مختلف پيرائن ۾ بيان ڪرڻ جي سگهه رکنديون آهن. سنڌي ٻولي کي اهو پڻ شرف حاصل آهي ته ”هڪ سالڪ ۽ سمجهه وارو علم ۽ فن جا اصول ۽ فروع، نڪتا ۽ راز خاص انداز ۾ علم وارن جي اڳيان رکي سگهي ٿو يا اهي عام حقيقتون عام ماڻهن کي سندن سمجهه آهر سمجهائي سگهي ٿو.“(1) هو پنهنجي روزمره جون ڳالهيون يا اندر جو آواز بيان ڪرڻ لاءِ تشبيهون، ڪنايا، استعارا، مجاز، ٽاٽا، ماپا ۽ انگ اکر استعمال

ڪري پنهنجو اظهار عالم کي آڇيندو آهي. اها ڳالهه واضح هجي ته ظاهري صورتن جي بيان لاءِ ظاهري تشبيهن، علامتن، اهڃاڻن جي ضرورت پوي ٿي، پر جڏهن تصوراتي خيالن کي بيان ڪجي ٿو ته پوءِ انهن لاءِ اهڙيون لافاني ۽ لامحدود علامتون گهربل هونديون آهن. مثال طور سونهن لاءِ گل ۽ چنڊ جو مثال وٺي سگهجي ٿو مگر نور لاءِ روشني ۽ پاڪائي جهڙن ذاتي اسمن جي ضرورت پوي ٿي. جيڪڏهن اجا به تصور جامع ۽ جامد آهن ته پوءِ انهن لاءِ اسم عدد يعني ڳڻپ، شمار يا لامحدوديت جهڙن اصطلاحن جي ضرورت پوي ٿي. انهيءَ گهرج جي پورائي لاءِ رياضي جا تصور پوري انداز ۾ بيان ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا. ڇو ته رياضي به تصوراتي (Imaginary) علم يا سائنس آهي. رياضيءَ جي ماهرن انگن جي بنيادي علامتن وسيلي دنيا کي ڏيتي ليتي ۽ وٺج واپار سولو ڪري ڏنو، ته ٻئي طرف دنيا جي شمارياتي پهلوءَ کي بياني صورت (Descriptive Form) ۾ استعمال ڪري پنهنجي بيان کي وڌيڪ واضح، چٽو ۽ وزن ڀريو بنائڻ جا نت نوان رُخ ڳولي لڌا آهن. هونئن به رياضيءَ ڪلي طرح وقت، مفاصلي ۽ مقدار کي حساب جي لامحدود ۽ سمجهه ڀري ڀيٽا واري طريقي سان ڳالهه کي آسان فهم بنايو آهي. اهل علم بزرگن، انگن جي ادبي ڪارج کي خوب استعمال ڪري پنهنجن گفتن ۽ شاعراڻن ٻولن ۾ رياضيءَ جي بنيادي نشانين جو استعمال ڪري پنهنجو مقصد رياضيءَ جهڙو چٽو ۽ هميشه واضح رهندڙ بنائي ڇڏيو آهي.

سچل سرمست به علمي، ادبي ۽ صوفياڻي انداز ۾ وحدت الوجود، فنا ۽ بقا جي فلسفي ۾ وحدت ڪثرت (هيڪڙائي ۽ گهڻائي) جي نظريي کي بيان ڪرڻ لاءِ تصوراتي يعني رياضي جي بنيادي علامتن (انگن) جو سهارو وٺي هڪ طرف ڪلام کي طرحين طرحين رنگينيون عطا ڪري من مُهڻو بنائي ڇڏيو آهي ته ٻئي طرف انگن جي ادبي استعمال ذريعي پنهنجو پيغام رياضيءَ جهڙو جٽادار، مضبوط ۽ سگهارو پيش ڪري انسانن کي حق، سچ، ايڪي، اتحاد لاءِ سڏي هڪ مهذب ۽ امن پرئي معاشري کي جوڙڻ لاءِ جتن ڪيو آهي. مون هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ انگن جي استعمال کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن سان سچل سائين جي ڪلام ۾ هڪ نئين ۽ حسين پاسي ۽ ڏِسا ڏانهن نگاهه وجهڻ جو موقعو ميسر ٿيندو.

انگ (Digit) جي معنيٰ آهي عدد، اکر عضو يا افعال وغيره (2)

وصف: انگ ماڻهن يا شين جي تعداد يا ترتيب کي ظاهر ڪندا آهن.(3)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مثال:

1). هفتي ۾ <u>ست</u> ڏينهن آهن.

2) جنوري سال جو <u>پهريون</u> مهينو آهي.

3) شديد گرمي هجڻ ڪري <u>ڪجھ</u> ماڻهو بي هوش ٿي ويا.

مٿئين جملن ۾ ”ست“، ڏينهن جي تعداد، ”پهريون“ مهيني جي نمبر ۽ ”ڪجھ“ ماڻهن جي تعداد کي ظاهر ڪن ٿا. جنهن مان عددن جي استعمال جي خبر پوي ٿي يعني اهي ڳاڻيٽي جا الفاظ جملي ۾ معني ۽ مفهوم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هڪ اهم وسيلو آهن جن کان سواءِ زندگيءَ جو ڪاروهنوار اڌورو ۽ اڻپورو هجڻ جا چٽا ثبوت ملن ٿا. مطلب ته انگ ٻوليءَ جي جان آهن. سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انگن جو خوب استعمال ملي ٿو جنهن جا ڪجھ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1) عمر ڏيهه اباڻي، مون <u>چڱا</u> ڏينهن گذاريا.
(مارئي، داستان 3 بيت 16 ص 291)

2) <u>اٺ</u> ئي پهر اوڏهين، تا نيڻ نهارين.
(مارئي، داستان 3 ڪافي 3 ص: 293)

3) هو جي ماروئڙا <u>ٻيپهر</u> مان ملن،
شال الله اوراهون ڪندن، سانگي سانگ سندن.
(مارئي، داستان 4، ڪافي 1 ص: 310)

4) <u>ٻئي</u> جهان <u>هڪو</u> ڪري ڇاڻين، جلوو تنهنجو جا بجا.
(وحدت داستان 1، ڪافي 19 ص: 71)

سچل سرمست جي ڪلام مان بيتن جي مٿئين سٽن ۾ چڱا، اٺ، ٻيهر هڪو ۽ ٻئي وارا الفاظ ڳاڻيٽي وارا آهن جن مان انگ اکر معلوم ٿي ڳالهه کي وزنائتو ڪري پيش ڪري رهيا آهن. رياضي جي ماهرن انگن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي:

1) عدد معين.
2) عدد غير معين.

1) <u>**عدد معين**</u>: اهڙي نشاني جيڪا ڪنهن به اسم جو بلڪل صحيح تعداد يا انگ اکر ٻڌائي ته ان کي عدد معين ڪوٺجي ٿو. (4) آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنريءَ ۾ معنيٰ لکيل آهي ته:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

Finite means having a definite limit or fixed size. (5)

يعني عدد معين جي معنيٰ آهي پورو تعداد يا مقرر صورت ٻڌائڻ. مثال:

1) هٿ ۾ پنج آڱريون آهن.

2) سومر هفتي جو ڇهريون ڏينهن آهي.

3) حيدر والد جي ملڪيت مان اڌ حصي جي دعويٰ ڪئي.

مٿين مثالن ۾ "پنج"، "ڇهريون" ۽ "اڌ" لفظن مان شين جي پوري انگ اکر جي معلومات ملي ٿي. يعني پهرئين مثال ۾ آڱرين جو پورو تعداد (پنج)، سومر جو هفتي ۾ پورو نمبر (ڇهريون) ۽ ملڪيت جي پوري حصي (اڌ) جي پوري خبر پوي ٿي، تنهنڪري اهڙن ڳاڻيٽي جي الفاظن جن مان شين، اسمن يا مقدارن بابت ڄاڻ ڏيڻ وارن انگن کي عدد معين جا مثال چئجن.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ عدد معين جا مثال موجود آهن جيڪي هيٺ پيش ڪجن ٿا:

1) احـــد احـــمـــد هـــڪـــڙو آهـــي پـــاڻ الله.
(وحدت نامو، داستان 1، ڪافي 21، ص: 72)

2) ســـپ ڪـــنـــهـــن ويـــڙهـــي تـــون وســـيـــن،
ڪـــونـــہ آهـــي ٻـــيـــو تـــو وري.
(وحدت نامو داستان 1، ڪافي 22، ص: 73)

3) مـنـهـنـجـو انـدر اڌ ڪـيـو جـانـب تـنـهـنـجـي جـار سـڄـڻ،
(سسئي، داستان 4، ڪافي 8، ص: 149)

سچل سرمست جي مٿين بيتن مان پهرئين بيت ۾ هڪڙو، احد احمد کي ملائي اسمن جي مقرر تعداد، ٻئي بيت ۾ ٻيو، محبوب اسم جي مقرر نمبر ۽ ٽئين بيت ۾ اڌ، اسم جي حصي جي مقرر ڀاڱي يا مقدار کي بيان ڪري ٿو يعني مٿين مثالن ۾ سچل سرمست عدد معين جو خوب استعمال ڪيو آهي.

رياضي جي ماهرن عدد معين کي وري هيٺين حصن ۾ ورهايو آهي جن جو تفصيل ڏجي ٿو:

الف) عدد قطاري: اهو ڳاڻيٽي جو لفظ يا تعداد جيڪو موصوف جو ترتيبوار نمبر ٻڌائي تہ ان کي عدد قطاري چئبو. (6) آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊڪشنري ۾ عدد قطاري جي وصف هيٺين طرح لکيل آهي: (7) A number that refer to position of 5th series is called Ordinal number يعني اهڙو عدد جيڪو ترتيب ۾ موصوف جو نمبر ٻڌائي ته ان کي عدد قطاري ڪوٺبو آهي.

مثال:

1) سڪندر امتحان ۾ پهريون نمبر آيو.

2) چوڏهينءَ رات چانڊوڪي هوندي آهي ۽ اوڻٽيهينءَ رات گگھ اونداهي!

مٿئين مثالن ۾ "پهريون" ، امتحان ۾ سڪندر جي ترتيب وار نمبر، ٻئي مثال ۾ چوڏهينءَ ۽ اوڻٽيهينءَ مهيني ۾ راتين جي ترتيب وار نمبر کي ڳاڻيٽي جا الفاظ يا عدد ظاهر ڪن ٿا جيڪي عدد قطاري جون نشانيون آهن. سچل سرمست جي ڪلام ۾ عدد قطاري جا اڻ ڳڻيا مثال موجود آهن جن مان ڪجھ نموني طور عرض رکجن ٿا:

1) پهرئين پور ٽڪر سان ٽهڪي.
(جهولڻو 20 ص 242)

2) پهريون ڪان پهاڙ پچائين.
(جهولڻو 22 ص: 243)

3) پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان.
(ڪافي 14 ص: 69)

4) هڪ وسڻ ٻيو وڄڻ ٽيون لهي پيو سيءُ.
(سارنگ بيت 24، ص: 351)

5) ٻهه ٻهه ڪندا آيا ٻيهر ٻڪر وال.
(سارنگ بيت 5 ص: 348)

6) حبيبن هيڪار، آئين وري موٽين، ٻاٻيهل ٻيهار اچي ويهه اکين تي؟
(مالڪوس بيت 15 ص: 395)

مٿئين مثالن ۾ پهرئين، پهريون، ٻي، هڪ، ٻيو، ٽيون، ٻيهر، هيڪار، ٻيهار اسمن جو ترتيب يا قطار ۾ نمبر ڏيکارين ٿا تنهن ڪري اهڙا ڳاڻيٽي جا الفاظ يا انگ يا عدد، عدد قطاري سڏبا آهن جيڪي سچل سرمست پنهنجي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاعريءَ ۾ استعمال ڪري پنهنجي ڳالهه کي پوري معيار مطابق پيش ڪرڻ جي سگهه ڏيکاري ٿو.

ب) **عدد شماري**: عدد شماري اسمن يا شين جي ڳڻپ يا عدد (ميڙ ۾) کي ظاهر ڪري ٿو.(8) آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري ۾ عدد شماريءَ لاءِ لکيل آهي تہ A number used to show the quantity rather than number it is called Cardinal number.(9) يعني عدد شماري شين يا اسمن جو مقدار ڏيکاري ٿو.

مثال:

1) مهيني ۾ 30 ڏينهن آهن.
2) احمد تہ ٻہ دليو آهي.

مٿئين مثالن ۾ ٽيهہ ۽ ٻہ عدد اهڙا آهن جيڪي اسمن جي تعداد کي ڳڻپ واريءَ صورت ۾ پيش ڪن ٿا، اُهي عدد شماري آهن. هاڻي اچو تہ سچل سرمست جي ڪلام مان عدد شماري جا مثال ڏسون:

1) سرهي سارو سهي ڪر، هڪ ٻہ ٽي چوٿو ڳڻين.
(متفرق ڪلام - ڪافي 30 ص: 501)
2) سهسين ٿيا سامان، اکين اچي آگم لايا.
(متفرق - ڪافي 8)
3) سنيري تون ميان ڏيهہ سنديءَ لک ٿورا تا لايون.
(متفرق - ڪافي 164)
4) پار اوهان جي ڪيئي مڪاسين قاصد سو هزار.
(متفرق - ڪافي 8)
5) ڏينهن ٻہ ٽي چار دوست اسان جي رمزن سان دل ريهي ريهي.
(سسئي - ڪافي 19)
6) ست زيور سينگار ڪري ني دوست آيو درسن ۾.
(حقيقت، داستان 1 ڪافي 15)

مٿئين مثالن ۾ هڪ، ٻہ، ٽي، چار، سهسين، لک، سو، هزار ۽ ست ڳاڻيٽي جا لفظ اسمن جي تعداد کي بيان ڪري رهيا آهن جيڪي عدد شماري جا مثال

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهن.

پ) **عدد ڪسري**: ڪسري لفظ جي معنيٰ آهي اڻپورو.

وصف: عدد ڪسري موصوف جو حصو يا پتي ظاهر ڪندو آهي.(10)

جيئن:

1) هينئر پوٽا ٽي ٽيا آهن.
2) جيڪو اڌ ڪي ڇڏي سڄي ڏانهن ڀڄي ان ڪان اڌ بہ وڃي تہ سڄو بہ.
3) مسلمان ڪي گهرجي تہ هر سال بچيل ملڪيت جو چاليهون حصو زڪوات ڏئي.
4) جيڪي چئين هير، تنهنجي اٺين پتي اڳ جي چئي. (شاهہ)

مٿين مثالن ۾ پوٽا ٽي، اڌ، چاليهون حصو، اٺين پتي عدد ڪسري جا الفاظ آهن جن مان اسمن يا شين جي حصي يا پتي جي خبر پوي ٿي. عدد ڪسري عدد معين ۽ عدد غير معين صورتن ۾ ٿيندا آهن. سچل سرمست جي سنڌي ڪلام ۾ عدد ڪسري جا ڪيترائي اهڃاڻ ملن ٿا جن مان ڪجهہ نموني طور حاضر رکجن ٿا..

1) انـدر مـنـهـنـجـو اڌ ٿـيـو، ڪـري وڃـڻ جـي ٿـو وائـي.
(متفرق ڪلام، ڪافي 55)
2) سـوز سـفـيـران لايـون، هـن ڇُـڪـي ڪـي چـوڏاري.
(سسئي داستان 11 ڪافي 15)
3) جنهن ساقيءَ سُرڪ پياريو آءٌ ڪيئين پڄان تنهنجي ٿوري.
(حقيقت، ڪافي 17).
4) جـود جـنـهـن جـي جـوش، سـارو روح رتـيـون ڪـيـو.
(سسئي داستان 1 بيت 14).

سچل سائين جي مٿين بيتن جي سٽن ۾ اڌ، ڇُڪي، سُرڪ ۽ رتيون عدد ڪسري جا مثال آهن، جيڪي اسمن يا شين جي اڻپوري حصي يا پتي جي اظهار ڪي ظاهر ڪري رهيا آهن تنهنڪري اهڙن ڳاڻيٽي جي الفاظن ڪي اسين عدد ڪسري ڪوٺي سگهون ٿا.

ج) **عدد اضافي**: اضاف جي معنيٰ آهي ٻيڻو، واڌارو ڪرڻ.(11)

وصف، اهڙا ڳاڻيٽي جا الفاظ جيڪي موصوف جي سگهہ يا طاقت ڪي ظاهر

ڪن تہ اهڙن عددن کي عدد اضافي چئبو آهي.(12)

مثال:

1) اڪبر، چوري ثابت ٿيڻ ڪري ٿيل نقصان جي ٻيڻ ڀري ڏني.

2) پراڻي زماني ۾ سستائي هئي جو ٽڪي ۾ سوا سير مصري جو ملندو هو.

مٿئين مثالن ۾ ٻيڻ ۽ سوا اسمن يا شين جي سگهہ کي ظاهر ڪن ٿا جيڪي عدد اضافي جي مثالن جون علامتون آهن. سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ عدد اضافي جا ڪافي ثبوت آهن جن مان ڪي ٿورا مثال ڏئي مقالي کي ڊگهي ٿيڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

1) سچو ٿيندي، سيگهڙي اها وائي سوائي.
(متفرق ڪلام ڪافي 162)

2) پيرين سونا گهنگهرو تاتئي سوايو.
(مالڪوس داستان پهريون بيت 18)

سچل سرمست جي بيتن جي مٿئين سٽن ۾ سوائي ۽ سوايو جا عدد اضافي آهن جيڪي اسمن جو ملهہ يا معيار يا سگهہ کي وڌائيندڙ نظر اچي رهيا آهن.

2) عدد غير معين: عدد غير معين اهڙا ڳاڻيٽي جا الفاظ آهن جيڪي شين يا اسمن جو تعداد تہ ٻڌائن ٿا پر بلڪل پورو تعداد نہ ٿا ٻڌائن. (13) آڪسفورڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري ۾ لکيل آهي تہ(14) Infinite means impossible to measure. انفينائيٽ جي معنيٰ ٿيندي تہ اهڙا لفظ جن وسيلي شين جو اندازو نہ ڪري سگهجي يعني اهڙا انگ جيڪي اسمن جو ڳاڻيٽو ڪرڻ کان لاچاري ڏيکارين تہ اهڙن عددن کي عدد غير معين ڪوٺي سگهجي ٿو. مثال طور:

1) ٿورا ٻار راند ڪندا آهن ۽ گهڻا ٻار پڙهندا آهن.

2) حادثي جو ٻڌي سڄو ڳوٺ ٻاهر اچي پهتو.

مٿئين جملن ۾ ٿورا، گهڻا ۽ سڄو لفظ ڳاڻيٽي جا آهن جيڪي اسمن جو تعداد ٻڌائن ٿا پر اها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ ڪيترا ۽ ڪهڙا، يعني تخميني ڪان ٻاهر ڳالهہ آهي انهن جو اندازو ڪونهي. اهڙن عددن يا ڳاڻيٽي جي لفظن کي عدد

غير معين چئبو آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ اهڙن عددن جو ڏاڍو زيبائتو استعمال ٿيل آهي جيڪي اپياس خاطر هيٺ ڏجن ٿا.

1) سگهو سگهو تون ڏيج سنيها، ڏينهن گهٽا چو لائين.
(سسئي، داستان 9، ڪافي 23)

2) توري گهٽي ڏينهنڙي، گولي ساڻ گڏيندين.
(مالڪوس، داستان 5 ڪافي 2)

3) شال نه وسرين تون، لوڪ سيوئي وسري،
(سسئي داستان 6 بيت 18)

4) سرتيون سپ ٿيس صلاحي.
(جهولڻو 1)

5) عمر ڏيهه اباڻي، مون چڳا ڏينهن گذاريا.
(مارئي، داستان 2، بيت 28)

سچل سائين مٿئين بيتن جي سٽن ۾ ”گهٽا، ٿوري، گهٽي، سيوئي، سپ، چڳا“ عدد يا ڳاڻيٽي جا اهڙا الفاظ آهن جن مان اها خبر ڪانه ٿي پوي ته اسمن يا شين جو تعداد ڪيترو آهي تنهنڪري اهڙن عددن کي ماهرن ”عدد غير معين“ جي نالي سان سڏيو آهي.

سنڌي ٻولي ۾ پنهنجي ڳالهه اثرائتي نموني ۾ ڪرڻ لاءِ ڪيترائي اصول موجود آهن جن مان هڪ اصول هي به آهي ته اسين لفظن يا ڳاڻيٽي جي لفظن سان ئي ملائيندا آهيون مثال طور سيئي يعني توهان سپ، چارئي وغيره. سچل سرمست جي شاعري ۾ به اهڙا مثال موجود آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

1) اٺ ئي پهر پهر اوڏهين ٿا نيڻ نهارين.
(مارئي، داستان 3، ڪافي 2)

2) شال نه وسرين تون لوڪ سيوئي وسري.
(سسئي داستان 6 بيت 18)

3) جنهن موج آئي، تنهن سڌ سڀائي،
ڪيهي ڳالهه ڪائي لنگهيا شهسوار.
(حقيقت، داستان 2، ڪافي 16)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مٿئين مثالن ۾ ”ائي، سپوئي ۽ سپائي“ لفظ زور ڏئي ڳالھ ڪندڙ آهن جنهن سان شاعر پنهنجي ڳالھ زور ڏئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جا ڪيترائي قسم آهن جن مان مفرد لفظ، سادا لفظ، مرتب لفظ ۽ مرڪب لفظ وغيره اچي وڃن ٿا جيڪي ٻوليءَ جي عمارت اڏڻ لاءِ سرن جو ڪم ڏين ٿا. مرڪب لفظ جي اها خصوصيت آهي تہ جڏهن انهن لفظن کي ٽوڙيو ويندو آهي تہ ان جو هر هڪ حصو پنهنجي جدا معنيٰ رکندڙ هوندو آهي. مرڪب لفظ جي وصف بہ ائين آهي تہ مرڪب لفظ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ياڳن مان جڙي ٿو ۽ هر هڪ حصي جي ڪا ڌار معنيٰ هوندي آهي مثال طور ”خيرخواھ“ مرڪب لفظ آهي جنهن جا ٻہ ياڱا آهن خير ۽ خواھ ،جيڪي ٻئي جدا معنيٰ رکن ٿا. سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڳاٽيتي وارن لفظن جا مرڪب لفظن جي صورت ۾ ڪيترائي مثال آهن جن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿا:

1) ڪنهن طرف ڪاهيان، <u>چؤطرف</u> مڙئي تم ٿيا.
(سسئي، داستان 6 بيت 24)

2) وچ بازار <u>چؤ سول</u>، وچ ۾ پڙي پائين.
(متفرق ڪلام ڪافي 27)

3) اظهر هئن ڌارين ۾ برڪت <u>پنجتن</u>.
(وحدت نامو، ص: 57)

4) چرڙين نانگ چرن <u>چواڌارا</u>.
(جهولڻو 14، ص: 24)

5) جي رسيا وجي وصال کي سي <u>چوءُ رنگ</u> پار پسن.
(وحدت نامو، ص: 57).

6) چڙهيو سا چؤ ڏول ۾ ٿي حڪم هلائي حور.
(نوري، داستان 2، بيت 14)

7) هي پيي هوتي هڪ، ديس تنهنجو، <u>چئين ڪندين</u> چوڌار.
(حقيقت، داستان 1، ڪافي 10)

سچل سرمست جي ڪلام جي مٿئين مثالن ۾ چؤ طرف، چؤ سول، پنجتن، چوڌارا، چؤ رنگ، چؤ ڏول ۽ چئين ڪندين ڳاٽيتي وارا مرڪب لفظ آهن جن کي ٽوڙڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سان هر هڪ ڀاڱو الڳ الڳ معنيٰ دار ٿي ويندو. مطلب تہ سچل سرمست رياضيءَ جي انگن کي پليءَ پٽ پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي جنهن سان سندن شاعري تصوف جهڙن چٽن اصولن وانگر زوردار ۽ نروار ۽ رياضي جي اصولن وانگر مقرر زندگي جو اصول، ذڪر ۽ فڪر کي مڪمل ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿي.

## حرف آخر:

سچل سرمست جي ڪلام ۾ انگن جي استعمال سان ڪلام جو زورائتو اثر، اظهار جي جامعيت، ترنم کي هٿي، ٻولي ۾ سمائجڻ کان ٻاهر تصور ۽ بيان ٿيڻ جو ڳڻ بنيادي مقصدن جي تڪميل ٿيڻ جا مطلب پورا ٿيا آهن.

## حوالا


1. سيوهاڻي فتح محمد حڪيم، ”آفتاب ادب“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو 4، 1983ع، ص: ؟
2. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، مرتب: ”جامع لغات“، جلد 1، ڇاپو 2، 1995ع، ص: 267.
3. پيوگل حسن، ”آئيڊيل انگلش گرامر“، ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور، ڪراچي، 2002ع، ص: 55.
4. شيخ واحد بخش، ”سنڌي ٻولي جو نحو و صرف“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 2006ع، ص: 201.
5. Sally Wehmeier - editor - Oxford Advanced Dictionary of current English - 6th Edition 2000 - Oxford University Press.
6. حوالو ساڳيو نمبر 4.
7. حوالو ساڳيو نمبر 5، ص: 894.
8. حوالو ساڳيو نمبر 4.
9. حوالو ساڳيو نمبر 5 ص 174.
10. حوالو ساڳيو نمبر 4.
11. بلوچ ، عبدالستار، مرتب: ”سنڌيڪا لغت“، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال 2006ع، ص: 55، ص: ؟


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

12. حوالو ساڳيو نمبر 4.
13. حوالو ساڳيو نمبر 3
14. حوالو ساڳيو نمبر 5، ص: 665.
15. انصاري عثمان علي، مرتب: ”رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)“، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1997ع.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair